# ڪاهيءَ وارن جو واقعو

11-January-2024

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

11 جنوري، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو

# ڪاهيءَ وارن جو واقعو

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... ماڻهو آسان سمجهن ٿا مسلمان ٿيڻ

✿... آزمائش پيارن تي ايندي آهي

✿... ملائڪ پاڻي ڪِرائي ڇڏيو

✿... بُري ۽ ڀَلي ٻانهي جي سڃاڻپ

✿...مڇيءَ آڱونو ڪٽيو

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان سِواء ڪو سايو نہ هوندو، ٽي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا: (1) اهو شخص جيڪو منهنجي اُمّتي جي پريشاني پري ڪري (2) منهنجي سُنّت کي زِنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.[1]

بیٹھتے اُٹھتے، جاگتے سوتے — ہو اِلٰہی مرا شِعار درود[2]

وضاحت: ياالله پاڪ! اهڙي توفيق عطا فرماءِ جو ويهندي، اٿندي، سمهندي، جاڳندي، بس هر وقت درود پاڪ پڙهندو رهڻ جي عادت بڻجي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 البدور السافرة، صفحه:169، 170، حديث:364۔

2... ذوقِ نعت، صفحه:124۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ٿا وٺون، ❁ مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ڀين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس،❁ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، ❁ گهُورڻ، جهڙڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، ❁ هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس.

اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سورت بُروج جو مُختصر تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سورت بروج قرآن پاڪ جي هڪ مختصر سورت آهي، جيڪا 30 هين سيپاري ۾ آهي. ان ۾ 1 رڪوع ۽ 22 آيتون آهن، تارن جي منزلن کي بروج چيو ويندو آهي، هن بابرڪت سورت جي شروع ۾ بُرجن واري آسمان جو ذڪر آهي، ان مناسبت سان هن کي سورت بُروج چيو ويندو آهي، هن سورت مبارڪ جي شروع ۾ هڪ سبق آموز، عبرتناڪ ۽ ايمان تازو ڪندڙ واقعو بيان ٿيو آهي، الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

---

1 بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

قُتِلَ اَصۡحٰبُ الۡاُخۡدُوۡدِ ۙ﴿۴﴾ النَّارِ ذَاتِ الۡوَقُوۡدِ ۙ﴿۵﴾ اِذۡ هُمۡ عَلَیۡهَا قُعُوۡدٌ ۙ﴿۶﴾ وَّ هُمۡ عَلٰی مَا یَفۡعَلُوۡنَ بِالۡمُؤۡمِنِیۡنَ شُهُوۡدٌ ؕ﴿۷﴾ وَ مَا نَقَمُوۡا مِنۡهُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ یُّؤۡمِنُوۡا بِاللّٰهِ الۡعَزِیۡزِ الۡحَمِیۡدِ ۙ﴿۸﴾

ترجمو كنزالعرفان: كاهي وارن تي لعنت هجي. پڙكندڙ باهه وارا. جڏهن اهي ان جي كنارن تي ويٺا هئا. ۽ اهي پاڻ ان تي گواهه آهن جيڪو اهي مسلمانن سان كري رهيا هئا. ۽ انهن كي مسلمانن جي طرف كان صرف اها ئي ڳالهه بري لڳي ته انهن ان الله تي ايمان آندو جيڪو گهڻو عزت وارو، هر تعريف جي لائق آهي. (پاره:30،اَلْبُرُوج:4-8)

## كاهيءَ وارن جو واقعو

هنن آيتن ۾ كاهيءَ وارن ماڻهن جو ذكر ٿيو؟ اهي ماڻهو كير آهن؟ انهن جو واقعو ڇا آهي؟ جنهن جي تفصيل حديث پاڪ جي مشهور كتاب مُسلم شريف ۾ آهي. هڪ ڊگهي حديثِ پاڪ آهي، ان جو مختصر بيان هي آهي ته اڳين قومن ۾ هڪ بادشاهه هو، جيڪو خدا جي دعويٰ كندو هو. ماڻهو ان كي پنهنجو خُدا سمجهندا هئا ۽ سندس پوڄا كندا هئا. قدرت كي ان قوم جي هدايت منظور ٿي، جيئن ته الله پاڪ هن قوم جي هڪ نوجوان كي هدايت عطا فرمائي، ان نوجوان كي هڪ نيڪ ايماندار ٻانهي جي صحبت ملي وئي، جنهن جي بركت سان اهو كلمو پڙهي كري سچي دين جو پيروكار بڻجي ويو. الله پاڪ ان نوجوان كي بُلند مقام سان نوازيو، ان كي پنهنجي ولايت جو تاج عطا كيو ۽ ان جي هٿ تي كرامتون ظاهر ٿيڻ لڳيون. سندس دعائن جي بركت سان انڌا ۽ كوڙهه جا مريض نيڪ ٿيڻ لڳا، ٿوري ئي عرصي ۾ سندس شهرت بادشاهه تائين به پهچي وئي. هاڻي ڇا ٿيو، بادشاهه جي اها كوڙي خدائي دعوا، ان جو سمورو ڍونگ خطري ۾ پئجي ويو. جيڪڏهن ان وليُّ الله جي دعائن سان نابين ماڻهن كي شفا ملندي رهي ها ته پوءِ بادشاهه

ڪي ڪير خدا مڃي ها، تنهنڪري بادشاهه ان وليُّ الله کي قتل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پر

فانُوس بن کے جس کی حفاظت ہَوا کرے
وہ شمع کیا بُجھے جسے روشن خُدا کرے

بادشاهه ڪوڙ ڪوششون ڪيون، ڪڏهن ان کي جبل جي چوٽيءَ تان هيٺ اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اها به ناڪام ٿي، ڪڏهن ان کي سمنڊ جي وچ ۾ اڇلائي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، اها به ناڪام ٿي، آخرڪار هن ڪامل ولي پاڻ ئي فرمايو: اي بادشاهه! جيڪڏهن توهان مون کي شهيد ئي ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان جو هڪڙو رستو آهي، سيني ماڻهن کي کُليل ميدان ۾ گڏ ڪيو! مون کي کجيءَ جي ٿُڙ سان ٻَڌي ڇڏيو ۽ بِسْمِ اللهِ رَبِّ الْغُلَام چئي ڪري مونکي تيرَ هڻو!

بادشاهه اهو طريقو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، فوراً ماڻهن کي گڏ ڪيو ويو، هڪ کليل ميدان ۾ کجيءَ جو ٿُڙُ پوکي ڪري ان سان وليُ الله کي ٻَڌو ويو، هاڻي بادشاهه تيرُ ڪمانڻ ۾ وڌو، ان کي ڇِڪيائين ۽ چيائين: بِسْمِ اللهِ رَبِّ الْغُلَام الله پاڪ جي نالي سان جيڪو هن نوجوان جو ربّ آهي. هي چئي ڪري بادشاهه تير هلايو، تير ان ڪامل ولي جي نرڙ ۾ لڳو ۽ سندن روح پرواز ڪري ويو.

جڏهن ماڻهن اهو ماجرو ڏٺو ته اهو بادشاهه جيڪو پاڻ کي خُدا سمجهي ٿو، ان جون تمام ڪوششون ناڪام ٿي ويون، آخر ڪار ان نوجوان جي ربّ جو ئي نالو ڪم آيو ته اهي سمجهي ويا ته سچو خُدا هي بادشاهه نه بلڪ ان نوجوان جو ربّ آهي، بهرحال سيني ڪلمو پڙهيو ۽ سچي دين جا پيروڪار ٿي ويا.

هاٽي بادشاھ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، سندس خدائي جي ڪوڙي دعوا جو راز کُلي چڪو هو، ماڻهو ڪيس ڇڏي ڪري الله واحد ۽ يڪتا، هڪ حقيقي خُدا تي ايمان آڻي چُڪا هئا. تنهنڪري بادشاھ ڪاوڙ ۾ اچي ڪري حڪم ڏنو: گهٽين جي ڪنارن تي کڏا کوٽي ڪري انهن ۾ باھ ٻاري وڃي، بادشاھ جو حڪم پورو ڪيو ويو، هاٽي بادشاھ حڪم جاري ڪيو تہ جيڪو بہ پنهنجي دين کان ڦري ڪري مون کي خدا نہ مڃي، تنهن کي باھ ۾ اڇلايو وڃي. بادشاھ جو اهو حڪم بہ پورو ڪيو ويو، ماڻهن کي ان باھ ۾ وِڌو وڃڻ لڳو، ايتري ۾ هڪ عورت آئي، جنهن جي هنج ۾ هڪ ننڍڙو ٻار هو، ان مومنہ عورت کي ڪنهن بہ قِسم جو خطرو نہ هو، پر ماءُ جي محبت کي جوش اچي ويو ۽ اها ماءُ پنهنجي ٻار کي ڏسي ڪري ٿورو ترسي (باھ ۾ ٽپُ ڏيڻ کان ٿورو بيهي وئي) ان تي ان ٻار چيو: ماءُ! صبر ڪر...!! تون فڪر نہ ڪر، بيشڪ تون سچي دين تي آهين. مسلم،کتاب الزہد و الرقاق ،باب قصۃ اصحاب الاخدود...الخ،صفحہ:1145 ،حدیث:3005خلاصۃً۔ پوءِ ان ٻار ۽ سندس ماءُ کي بہ باھ ۾ اڇلايو ويو. تفسير صراط الجنان،پارہ:30،سورۂ بُرُوج،زیرِ آیت:4-7،جلد:10،صفحہ:605۔

روايتن جي مطابق ظالم بادشاھ جي ان ظلم تي الله پاڪ جو غضب جوش ۾ اچي ويو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اها ئي باھ جيڪا بادشاھ ايمان وارن کي ساڙڻ جي لاءِ لڳائي هئي، اها باھ کڏن جي ڪنارن کان نڪتي ۽ انهن ظالمن کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. تفسیربغوی،پارہ:30،سورۂ بُرُوج،زیرِ آیت:5 ،جلد:4،صفحہ:590خلاصۃً۔

## قرآني واقعي مان ملڻ وارا سبقَ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي هڪ قرآني واقعو اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن واقعي مان اسان کي ڪوڙ ڳالهيون سکڻ جي لاءِ ملن ٿيون. مثلاً

## (1): مسلمانن ۾ آزمائش

هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جي طرفان ايمان وارن تي امتحان ايندا رهندا آهن، ڪامياب مسلمان اهو آهي جيڪو انهن امتحانن ۾ صبر ۽ شڪر سان ثابت قدم رهي.

هي هڪ وڏو سبق آهي. اسان مان گهڻا ماڻهو اهو سوچيندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن سوال بہ ڪندا آهن تہ اسين مسلمان آهيون، الله پاڪ کي مڃون ٿا، ان جي رسول صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪلمو پڙهون ٿا، الله پاڪ جي اڳيان سجدو ڪيون ٿا، ان جي عبادت ڪيون ٿا، ان جي باوجود اسان آزمائشن ۾ آهيون، مسلمانن ۾ غربت بہ آهي، تنگدستي بہ آهي، آزمائشون بہ آهن، هن وقت سڄي دنيا ۾ مسلمان مختلف قِسمن جي مشڪلاتن جو بہ شڪار آهن جڏهن تہ غير مسلمن جا حالات اسان جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا بهتر آهن، اهي امير بہ آهن، انهن جون وڏيون وڏيون عمارتون بہ آهن، انهن وٽ خوشحالي بہ آهي، سڀ ڪجهہ آهي. آخر ائين ڇو؟ ان جو نهايت آسان جواب آهي، حديث شريف ۾ فرمايو ويو: اَلدُّنۡيَا سِجۡنُ الۡمُؤۡمِنِ وَ جَنَّةُ الۡكَافِرِ دنيا مسلمانن جي لاءِ قيد خانو جڏهن تہ ڪافرن جي لاءِ جنّت آهي. مسلم،ڪتاب الزہد و الرقائق،صفحہ:1133،حديث:2956۔

هاڻي پاڻ غور فرمايو: قيد خاني ۾ ڇا هوندو آهي؟ آزمائشون، مشڪلاتون، تنگدستيون ئي هونديون آهن. لهذا اسان مسلمان آهيون تہ هن دنيا ۾ اسان تي آزمائشون اينديون ئي اينديون.

## ماڻهو آسان سمجهن ٿا مسلمان ٿيڻ

اَحَسِبَ النَّاسُ اَنۡ يُّتۡرَكُوۡۤا اَنۡ يَّقُوۡلُوۡۤا اٰمَنَّا وَهُمۡ لَا يُفۡتَنُوۡنَ ﴿۲﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ڇا ماڻهن اهو سمجهيو آهي تہ انهن کي فقط ايتري ڳالهہ تي

ڇڏيو ويندو جو اهي چون ٿا اسان ”ايمان آندو“ ۽ انهن کي آزمايو نه ويندو؟ (پاره:20،العنکبوت:2)

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ آهي: هن واقعي مان معلوم ٿيو ته مسلمانن کان ان جي ايماني طاقت مطابق امتحان وٺڻ، الله پاڪ جو قانون آهي. بيماري، غربت، مفلسي، مصيبتون، اهي سڀ الله جي طرفان اچڻ واريون آزمائشون آهن، جن جي ذريعي مخلص ۽ منافق پڌرا ٿي ويندا آهن. تفسير صراط الجنان،پاره:20،سورة عنکبوت،زيرِ آيت:2،جلد:7 ،صفحه:342۔

## آزمائشون پيارن تي ايندڙيون آهن

حضرت انس رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته رسولِ ذيشان، مکي مدني سلطان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جن فرمايو: گهڻو ثواب وڏي مصيبت سان گڏ هوندو آهي، ۽ جڏهن الله پاڪ ڪنهن قوم سان مَحَبّت فرمائيندو آهي ته ان کي آزمائش ۾ مُبتلا ڪندو آهي، سو جيڪو ان تي راضي ٿيو ان جي لاءِ الله پاڪ جي رضا آهي ۽ جيڪو ناراض ٿيو ان جي لاءِ ناراضگي آهي. ابنِ ماجه، کتاب الفتن، باب الصبر علی البلاء،صفحه:651،حديث:4031۔

يہ شہادت گہِ الفت میں قدم رکھنا ہے
لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلماں ہونا

**وضاحت:** يعني مسلمان هجڻ ڪا معمولي ڳالهه ناهي، ڪلمو پڙهي ڪري دائرهءِ اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو مطلب آهي ته هاڻي بانهو الله پاڪ جي مَحَبّت سان سرشار ٿي ڪري جانثاري جي لاءِ تَن، مَن، ڌن جي بازي لڳائڻ جي لاءِ تيار آهي.

## آزمائش اچڻ به رحمت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ وضاحت ڪري ڇڏيان: دنيا ۾ ايمان وارن تي جيڪي مشڪلاتون ۽ آزمائشون ايندڙيون آهن، اها به اصل ۾ الله پاڪ جي

رحمت آهي. اُن سلسلي ۾ هڪ ايمان اَفروز روايت ٻڌو! منقول آهي: ٻہ ملائڪَ هئا، هڪ ملائڪ آسمان کان زمين تي اچي رهيو هو، ٻيو ملائڪ زمين کان آسمان ڏانهن وڃي رهيو هو، ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي، هڪ ملائڪ ٻئي کان پڇيو: توهان ڪٿان کان اچي رهيا آهيو؟ ٻئي چيو: فلاڻي شهر ۾ هڪ غير مسلم رهندو آهي، اهو سخت بيمار هو، سندس آخري وقت ٻہ اچڻ وارو ئي هو، ان غير مُسلم دنيا ۾ جيڪي ٻہ نيڪ عمل ڪيا هئا، انهن سڀني جو بدلو ان کي دنيا ۾ ئي ڏنو ويو هو (ان ڪري هن لاءِ آخرت ۾ ڪابہ چڱائي باقي نہ رهي هئي جنهن جي بدلي ۾ هن کي قيامت جي ڏينهن ڪا نعمت ملي.) ها! رڳو هڪ چڱائي باقي هئي. زندگيءَ جي ان آخري گهڙين ۾ ان غير مسلم کي مڇي کائڻ جي خواهش ٿي، تنهنڪري مڇيءَ جي ڳولا ڪئي وئي پر سڄي شهر ۾ ڪٿي بہ مڇي نہ ملي، مونکي الله پاڪ حڪم ڏنو تہ هن لاءِ مڇيءَ جو بندوبست ڪريان تہ جيئن ان جي اها جيڪا هڪ چڱائي باقي آهي، ان جو بہ بدلو هن دنيا ۾ ئي ٿي وڃي، (۽ هو آخرت لاءِ بلڪل بيوس ۽ خالي هٿ رهجي وڃي) جيئن تہ مان ان غير مسلم لاءِ مڇيءَ جو بندوبست ڪرڻ ويو هيس. ان ملائڪ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪرڻ کانپوءِ ٻئي کان پڇيو: توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ چيائين: فلاڻي شهر ۾ هڪ مسلمان آهي، ان جو بہ آخري وقت آهي، ان جا جيڪي بہ گناهہ هئا، انهن سڀني جي بدلي هن کي آزمائش ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي، هاڻي هن جي اعمالنامي ۾ ڪوبہ گناهہ باقي نہ بچيو آهي، فقط هڪ گناهہ باقي آهي، آخري لمحن ۾ ان کي اُڃ لڳي آهي ۽ هو پاڻي پيئڻ چاهي ٿو، مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ ان جو پاڻي هاري ڇڏيان تہ جيئن ان جي آزمائش جي بدلي ان جو آخري گناهہ بہ مٽايو وڃي ۽ هو گناهن کان بلڪل پاڪ ۽ صاف ٿي ڪري دنيا مان رخصت ٿئي......!!

سُبْحٰنَ اللهُ! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي منهنجي رحمٰن ۽ رحيم ربّ جو...!! اسان ان جا ٻانها آهيون، هو اسان کي خوشيون عطا ڪري يا آزمائش ۾ رکي، هي ان جي رضا آهي، هرحال ۾ ان جو احسان ئي آهي پر قربان وڃو! ان جي رحمت ڪيڏي وسيع آهي، اسان گناهہ ڪندا آهيون، پاڻ کي جهنّم جو حقدار بڻائيندا آهيون ۽ اسان جو قادر ۽ قيّوم ربّ اسان تي آزمائش موڪلي ڪري اسان جا گناهہ مٽائيندو ۽ اسان جي لاءِ جنّت جو رستو آسان بڻائي ڇڏيندو آهي.

## ايمان تي ثابت قدم رهو!

بهرحال! زندگي ۾ آزمائشون اينديون آهن، غربت بہ ايندي آهي، تنگدستي بہ ايندي آهي، مشڪلاتون بہ اينديون آهن، پريشانيون بہ اينديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻايو ويندو آهي، انهن حالات ۾ اسان کي گهرجي تہ صبر کان ڪم وٺون ۽ سڀ کان اهم ذميداري جيڪا اهڙي وقت اسان تي ايندي آهي، اها هي آهي تہ اسان پنهنجي ايمان جي ڀرپور حفاظت ڪيون. اسان ڪاهيءَ وارن جو قرآني واقعو ٻڌو، ان ۾ ٿورو غور ڪيو! بادشاهہ جنهن خدائي دعويٰ ڪئي هئي، اهو سخت ظالم هو، هن مؤمنن تي ظلم ڪيو، ڪين جيئرو ئي باهہ ۾ وجهي ڇڏيو، قربان وڃو! انهن مضبوط ايمان وارن ماڻهن باهہ ۾ سڙڻ، جان ڏيڻ تہ منظور ڪري ورتو پر پنهنجي ايمان کان ٿورو بہ پوئتي نہ هٽيا، ايتري قدر جو هڪ ماءُ، پنهنجي ننڍڙي ٻار کي هنج ۾ کڻي، ٻار سان گڏ باهہ ۾ اڇلائي وئي. ان موت کي قبول ڪيو پر پنهنجي ايمان جو سودو نہ ڪيو. هي وڏي ڪمال جي ڳالهہ آهي، وڏي همت ۽ حوصلي جي ڳالهہ آهي، ان مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو تہ هڪ مومن ٻانهو هميشہ پنهنجي ايمان تي ثابت قدم رهندو آهي، تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ گهٻرائي ڪري پريشاني جو شڪار ناهي ٿيندو، ان جي دل ۾ شڪ ناهي ايندو

بلڪ هو پنهنجي ايمان تي، پنهنجي عقيدن تي، الله پاڪ تي توڪل ۾ پروسي تي مضبوط ٿي رهندو آهي، ڪيس گلن جا هار ملن يا تلوار جو تيز ڌڪ، پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو وڃي يا باهه جي شعلن ۾ اڇلايو وڃي، هر حال ۾، هر صورت ۾ هو استقامت جو جبل بڻجي بيٺو هوندو آهي،

ڪاش! هي سعادت، اهڙو مضبوط ايمان ۽ يقين اسان کي به نصيب ٿي وڃي، اسان کي به دين تي، اسلام تي، ايمان تي ثابت قدميءَ سان نوازيو وڃي. ڪاش! پنهنجي ايمان جي حفاظت جي سوچ حقيقي معنيٰ ۾ نصيب ٿي وڃي. افسوس! هن دور ۾ ايمان بچائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي ويو آهي، دين جي ڄاڻ جو اهڙو فقدان آهي جو خدا جي پناهه...! ❁ڪيترا ئي اهڙا آهن جيڪي گانا ڳائي رهيا آهن، گانا ٻڌي رهيا آهن، جهومي رهيا آهن، حالانڪ ان گاني ۾ ڪُفريه اشعار آهن ۽ انهن کي خبر ئي ناهي، پنهنجي مستي ۾ مست ڳائي رهيا هوندا آهن، وڏي مزي سان ٻڌندا آهن. هونئن به گاني ۾ ڪُفريه ڪلمات نه هجن تڏهن به گانا باجا ٻڌڻ، ٻڌائڻ شيطاني ڪم آهي ۽ ان جو ايترو سخت عذاب آهي جو برداشت نه ٿي سگهندو. روايتن جي مطابق جيڪو گانا ٻڌندو آهي، قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ پگهريل شيهو وڌو ويندو. ڪنز العمال،ڪتاب اللهو و اللعب و التغنى ،جلد:8،جز:15، صفحه:96، حديث:40662۔ ❁ ڪڏهن ڪڏهن مصيبت ايندي آهي، پريشاني ايندي آهي، ڪو نوجوان فوت ٿي وڃي، اوچتو ڪو حادثو پيش اچي وڃي ته ماڻهو شڪايتون ڪندا آهن، ڪي جاهل ته مَعَاذَ الله (الله پاڪ جي پناهه) ڪُفريه جُملا به بَڪي ويندا هوندا ۽ ديني معلومات نه هجڻ سبب هن ڳالهه جي انهن کي خبر ئي نه پوندي هوندي ته هي هڪ ڪُفريه جملو آهي جيڪو انهن کي اسلام جي دائري مان خارج ڪري ڇڏيندو آهي، ڪجهه نادان غير مُسلمن جو طور طريقو اپنائيندا آهن، انهن جي مذهبي ڏهاڙن ۾ شامل ٿيندا آهن، ڪو

دنياوي فائدو ھوندو آھي، لالچ ھوندي آھي، پئسي جي لالچ ھوندي آھي، ۽ ھن چڪر ۾ مَعَاذَ الله! ايمان ڏانھن ڌيان ئي ناھي ھوندو، خدا جي ناراضگي جو ڪو خيال ناھي ھوندو. خدا جي خوف کان محرومي، عشقِ رسول جي گھڻتائي ھوندي آھي ۽ ائين غير مسلمن جي صحبت جي ڪري، انھن جي مذھبي تھوارن ۾ شريڪ ٿي ڪري ڪڏھن ڪڏھن ايمان جو سودو ڪري چُڪا ھوندا آھن، ڪُفر جي اونداھي کوھ ۾ ڪِري چُڪا ھوندا آھن ۽ انھن کي پنھنجي ايماني دولت لُٽجي وڃڻ جو احساس تائين ناھي ھوندو.

مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے | ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی!

وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

## ڪُفر کان نفرت ڪرڻ ضروري آھي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! اسين مسلمان آھيون، يقيناً ھي الله رب العزت جي ھڪ وڏي نعمت آھي، اسان جو ڪلمو پڙھڻ، مسلمان ٿيڻ، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دوزخ کان بچي ڪري جنت ۾ وڃڻ جو وسيلو بڻجي ويندو، پر ياد رکو! دوزخ کان بچڻ ۽ جنت جو حقدار ٿيڻ جي لاءِ صرف مسلمان ھجڻ ئي ڪافي ناھي بلڪ ايمان سلامت ڪٺي دنيا کان رخصت ٿيڻ بہ ضروري آھي، ان ڪري اسان کي پنھنجي ايمان جي باري ۾ سوچڻ گھرجي، الله پاڪ اسان کي ايمان جي دولت سان نوازيو آھي. ان جي قدر بہ ڪيون، ان جو شڪر بہ ادا ڪيون ۽ ان سان گڏو گڏ ڪفر کان نفرت بہ ڪندا رھون، حديث پاڪ ۾ آھي:

جنھن وٽ 3 شيون آھن، اھو ايمان جي حلاوت (يعني مناڻ) ماڻي وٺندو آھي (انھن 3 مان ھڪ ڳالھ ھيءَ ارشاد فرمايائون:) اھو ايمان کان پوءِ ڪفر ڏانھن موٽڻ

ڪي ائين ناپسند ڪري، جيئن باهه ۾ پَوڻ کي ناپسند ڪندو آهي. بخاری،کتاب بدء الايمان،باب من کره ان يعود فی الکفر...الخ،صفحہ:75 ،حديث:21 ملتقطًا۔

معلوم ٿيو: ايمان وارو رهڻ، ايمان جي سلامتي سان قبر ۾ لهڻ ۽ ان جي ذريعي سان جنّت جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ ضروري آهي ته **اسان ڪُفر کان هميشہ نفرت ڪندا رهون.**

## 3 بهادر پائرَ

علامہ ابن جوزي رحمۃُ اللہ علیہ هڪ وڏو ايمان افروز واقعو بيان ڪيو آهي، واقعو ڪجهه هن طرح آهي ته 3 بهادر ۽ نوجوان پائر هئا، اهي ٿئي اسلامي لشڪر سان گڏجي جهاد ڪندا هئا. هڪ دفعي ائين ٿيو جو رومين مسلمانن تي سخت حملو ڪيو. ان ۾ ڪيترا ئي مسلمان شهيد ٿيا ۽ ڪيترائي قيد ٿي ويا، انهن ٽنهي پائرن کي بہ قيد ڪيو ويو. رومي بادشاهه جنگ دوران انهن ٽنهي جي بهادري کي ڏسي چُڪو هو، تنهن ڪري بادشاهه انهن ٽنهي کي آڇ ڪئي تہ: جيڪڏهن توهان اسلام ڇڏي ڏيو تہ مان پنهنجين نياڻين جي توسان شادي ڪندس ۽ مسقبل جي بادشاهت بہ توهان جي حوالي ڪري ڇڏيندُس.

هاڻي ڏسو! هي ڪيڏي وڏي آڇ آهي...!! شهزادين سان شادي، پوءِ بادشاهت يعني بغير ڪنهن محنت جي عزّت، شهرت، مال ۽ دولت، بلڪ تاج و تخت بہ ملي رهيو آهي پر قربان وڃو! انهن ٽنهي پائرن بادشاهه جي آڇ کي ٺُڪرائي ڇڏيو ۽ جوشِ ايماني سان سرشار ٿي ڪري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ فرياد ڪرڻ لڳا.

ان تي بادشاهه کي تمام گهڻي ڪاوڙ آئي، ان 3 ديڳيون گهرايون، انهن ۾ تيل وڌو ويو ۽ باهه تي رکيون ويون، هر روز انهن ٽنهي پائرن کي انهن ديڳين وٽ آندو ويندو ۽ بادشاهه پنهنجي آڇ انهن جي سامهون رکندو هو تہ

اسلام ڇڏي ڏيو مان توهان ٽنهي کي پنهنجو نياڻو به ڏئي ڇڏيندس ۽ مستقبل جي بادشاهت به توهان کي ملندي. اهي ٽئي ڀائر هر ڀيري بادشاه جي آڇ کي ٺُڪرائيندا رهيا.

آخر ٽئين ڏينهن بادشاه وڏي ڀاءُ کي گهرايو، هڪ ڀيرو ٻيهر اها ئي آڇ ڪئي، جڏهن ان مردِ مجاهد آڇ کي قبول نه ڪيو ته ان کي ٽهڪندي تيل ۾ وڌو ويو، ڏسندي ئي ڏسندي ان جو سمورو گوشت سڙي ويو ۽ هڏيون تيل مٿان ترڻ لڳيون. بادشاه ٻئي ڀاءُ کي گهرايو، ان کي به آڇ ڪئي وئي، جڏهن ان نه مڃيو ته ان کي به ٽهڪندي تيل ۾ وجهرائي ڇڏيو.

هاڻي ٽئين ۽ سڀني کان آخري ڀاءُ کي آندو ويو، ويجهو هو جو ان کي به ٽهڪندي تيل ۾ وجهي ڪري شهيد ڪيو وڃي ها، ايتري ۾هڪ درٻاري چوڻ لڳو: بادشاه سلامت! جيڪڏهن مان هن کي ايمان کان ڦيري ڇڏيان ته مون کي ڪهڙو انعام ملندو؟ بادشاه چيو: مان توکي پنهنجي فوج جو سپه سالار بڻائي ڇڏيندس. جيئن ته اهو درٻاري ان بهادر نوجوان کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ پنهنجي نوجوان حسين ۽ جيمل ڌيءَ کي ان سان گڏ اڪيلائيءَ ۾ ڇڏي ڏنائي.

يعني ڀيريان مال ۽ دولت جي لالچ ڏئي ڪري ان کان ايمان کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، هاڻي حسن و جمال جو ڄار وڌو پئي ويو پر هي نوجوان الله پاڪ جو نيڪ ۽ حيا وارو ٻانهو هو، 40 ڏينهن بلڪ ان کان به وڌيڪ عرصو اها حسين ۽ جميل ڇوڪري ان سان گڏ رهي پر سندس ڪڏهن به ان کي اک کڻي ڪري نه ڏٺو بلڪ ان جو معمول رهيو ته ڏينهن جو روزو رکندو ۽ رات جو نفل پڙهندو رهندو هو. آخر ڪار ان ڪامل ايمان واري نوجوان جو ڪردار، ثابت قدمي ۽ حيا کي ڏسي ڪري اها ڇوڪري نهايت متاثر ٿي، ان کي ذميداري ڏني وئي هئي ايمان کسڻ جي پر مسلمان نوجوان

جو اخلاق ڏسي ڪري پاڻ بہ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويئي. عُيُونُ الحكايات ،صفحہ:197 خلاصةً ۔

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان انهن ٽنهي شامي ڀائرن ايمان تي استقامت جو ڪهڙو زبردست مظاهرو ڪيو، انهن جي دلين ۾ ايمان ڪيتري قدر سمايل هو، اهي عشق جو صرف زبان سان دعويٰ ڪرڻ وارا نہ بلڪ صحيح معنٰي ۾ مُخلص عاشقانِ رسول هئا. ٻئي ڀائر شهادت جو جام پي ڪري جنّتُ الفردوس جي نعمتن جا حقدار بڻجي ويا ۽ ٽئين ڀاءُ رومَ جي حسينہ جي طرف ڏٺو بہ نہ ۽ ڏينهن رات الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهيو.

ڪاش! اسان کي بہ ايمان تي اهڙي استقامت نصيب ٿي وڃي، مشڪل اچي، پريشاني اچي، غربت ۽ تنگدستي اچي، ماڻهو تڪليف پهچائن، طعنا ڏين، ڪجھ بہ ٿي وڃي، اسان ڪڏهن بہ ايمان جو سودو نہ ڪيون.

مٹا میرے رنج و الم یاالٰہی
عطا کر مجھ اپنا غم یااِلٰہی

شرابِ محبّت کچھ ایسی پلادے
کبھی بھی نشہ ہو نہ کم یااِلٰہی

مجھے دیدے ایمان پر استقامت
پئے سیدِ محتشم یااِلٰہی

خدایا بُرے خاتمے سے بچانا
پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یااِلٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): تڪليف نہ ڏيو!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪاهيءَ وارن جو واقعو ٻڌو، هن قرآني واقعي مان هڪ اهم ڳالھ جيڪا اسان کي سکڻ جي لاءِ ملي ٿي، اها الله پاڪ

قرآنِ ڪريم ۾ ئي ذڪر فرمائي آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَ لَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ۝۱۰

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جن مسلمان مردن ۽ مسلمان عورتن کي آزمائش ۾ مبتلا ڪيو پوءِ توبهہ نہ ڪئي انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن جي لاءِ باهہ جو عذاب آهي. (پاره:30، اَلْبُرُوج:10)

معلوم ٿيو: مسلمان کي تڪليف پهچائڻ نهايت سخت گناهہ ۽ وڏو جُرم آهي، ان جي سزا تمام خطرناڪ آهي. ڏسو! بادشاهہ جيڪو خُدائي دعويٰ ڪندو هو، ان مسلمانن کي ناحق تڪليف پهچائي، انهن کي باهہ ۾ ساڙيائين، ان جو نتيجو ڇا نڪتو...؟ الله پاڪ جو قهر ۽ غضب جوش ۾ آيو ۽ بادشاهہ ۽ ان جا سپاهي پنهنجي ئي ٻاريل باهہ ۾ سڙي خاڪ ٿي ويا.

اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ! الله پاڪ اسان کي اهڙن خطرناڪ جُرمن ۽ اهڙي خوفناڪ سزا کان محفوظ فرمائي.

حقوق العباد! آه! ہو گا مرا کیا؟
کرم مجھ پہ کر دے کرم یااِلٰہی!
مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے
ہو مجھ ناتُواں پر کرم یااِلٰہی!

اي عاشقانِ رسول! نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄڪلهہ مسلمانن کي تڪليف پهچائڻ کي معمولي سمجهيو پيو وڃي، ماڻهو بنا ڪنهن خوف جي ٻين کي تڪليف پهچائي ڇڏيندا آهن ۽ بلڪل بہ ناهن ڊڄندا ❁ ڪو چغليون هڻي ٻين کي تڪليف پهچائيندو آهي ❁ ڪو گاريون ڏئي ڪري دل ڏکائيندو آهي ❁ ٻين جي مال تي ناحق قبضا ڪري ❁ بنا قصور ۽ بنا محل ڪاوڙ

ڪري ❁ ماري ڪري ❁ مارائي ڪري ❁ ماڻهن ڪي ٻي ڏوهه مقدمن ۾ ڦاسائي ڪري ❁ ماپ تور ۾ ڪَمي ڪري ❁ مال ڦُري ڪري ❁ مَذاق اڏرائي ڪري ❁ طعنن جا تيرَ وسائي ڪري ❁ پرينڪ جي نالي تي ٻين جي عزّت خراب ڪري ❁ سوشل ميڊيا تي ويڊيوز وائرل ڪري ۽ ❁ خبر ناهي ڪهڙي ڪهڙي انداز ۾ ٻين کي تڪليف پهچائي پئي ويندي آهي ۽ هن کان به وڏيڪ خطرناڪ ڳالهه هي آهي ته ٻين کي تڪليف پهچائي ڪري ماڻهو خوش ٿيندا آهن، پاڻ کي بهادر سمجهي رهيا هوندا آهن، ٻين کي ڌوڪو ڏيڻ کي پنهنجي هوشياري سمجهي رهيا هوندا آهن، لهٰذا نه توبهه جي طرف وڌندا آهن نه پنهنجي آخرت جو فڪر ڪندا آهن.

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دِل سے احساسِ زیاں جاتا رہا

گناهه ته ٿي ويو، پر ان تي شرمندگي ملي وڃي ته اها به وڏي ڳالهه آهي پر افسوس! اڄڪلهه ماڻهو دل ڏکائي ڪري شرمنده به ناهن ٿيندا، معافي به ناهن گهرندا، ابتو ان تي خوش ٿي رهيا هوندا آهن. اي ڪاش! اسان جي دل ۾، مسلمان جي عزّت ويهي وڃي، اسان پنهنجي مسلمان ڀائرن جو احترام ڪرڻ سکي وڃون. يقين ڪيو! اسلام ۾ امن ۽ سڪون، ڀائيچاري ۽ هڪٻئي جي پيار محبت کي تمام گهڻي اهميت ڏني وئي آهي، جيڪي ماڻهو ان اسلامي ڀائيچاري کي نقصان پهچائيندا، پنهنجي مسلمان ڀائرن کي تڪليف ڏيندا يا انهن جي عزّتِ نفس کي نقصان پهچائيندا آهن، اهي نهايت بُرا ماڻهو آهن.

## بُري ۽ ڀلي انسان جي سڃاڻپ

هڪ ڀيري رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسّم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہءِ ڪرام

رضی اللہ عنہم کي فرمايو تہ ڇا مان توهان کي ڀلن ۽ بُرن جي خبر نہ ڏيان؟ هڪ شخص عرض ڪيو: جي ها يارسولَ اللہ صَلَّی اللہ عَلَيہِ والِہٖ وَسَلَّم! اسان کي اسان جي بُرن ڀلن جي خبر ڏيو! فرمايائون: توهان جو ڀلو اهو شخص آهي جنهن کان خير جي اميد ڪئي وڃي ۽ ان جي شرَ کان امن هجي ۽ توهان جو بُرو اهو شخص آهي جنهن کان خير جي اميد نہ ڪئي وڃي ۽ ان جي شر کان امن نہ هجي.

ترمذی ، کتاب الفتن، باب:72 ،صفحہ:544 ، حدیث :2263۔

هن حديثِ پاڪ جي شرح جو خلاصو آهي تہ اهو ﭘانهو جنهن ڏانهن ماڻهن جون دليون مطمئن هجن، ماڻهو ان جي باري ۾ هي اعتقاد رکندا هجن تہ هي شخص ڪنهن کي تڪليف ناهي ڏيندو بلڪ جيستائين ٿي سگهي ٻين جي خيرخواهي ئي ڪندو آهي، اهڙو شخص تمام ڀلو آهي جڏهن تہ اهو ﭘانهو جنهن کان ماڻهو ڊڄندا هجن، انهن کان ڀلائي جي اميد نہ رکندا هجن، ان جي شر کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا هجن، اهڙو شخص نهايت بُرو ماڻهو آهي.

مرآۃ المناجیح،جلد:6،صفحہ:579خلاصۃً۔

## مسلمان جو رت، مال ۽ عزّت مسلمان تي حرام آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو پيارو مذهب اسلام هر مسلمان جي جان، مال ۽ عزّت جي تحفظ جي ضمانت ڏيندو آهي. حضور پاڪ صَلَّی اللہ عَلَيہِ والِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: كُلُّ الْمُسْلِمِ عَلَى الْمُسْلِمِ حَرَامٌ دَمُهُ وَمَالُهُ وَعِرْضُهُ يعني هر مسلمان جو رت، مال ۽ عزّت ٻئي مسلمان تي حرام آهي. مسلم ، کتاب البر و الصلۃ، باب تحریم ظلم المسلم ...الخ،صفحہ:995،حدیث:2564۔

مُفسرِ قرآن حضرت مُفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ علیہ هن حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جو مال ان جي اجازت کان بغير نہ کڻي،

ڪنهن جي عزّت خراب نہ ڪري، ڪنهن مسلمان کي ناحق ۾ ظلم ڪندي قتل نہ ڪري جو هي سڀ سخت جُرمَ آهن. مرآة المناجيح،جلد:6 ،صفحہ:553۔

مُفتي صاحب هڪ ٻئي مقام تي لکن ٿا: مسلمان کي نہ دل ۾ حقير سمجهو، نہ وري ان کي حقارت جي لفظن سان سڏيو نہ ئي ان کي خراب لقبن سان ياد ڪريو! نہ ان جو مذاق ٺٺايو! اڄڪلهه اسان ۾ اهي عيب تمام گهڻا آهن، نسب يا غربت ۾ مُفلسي وغيره جي ڪري، مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهندا آهيون تہ هو پنجابي آهي، هو بنگالي آهي، هو سنڌي آهي، هو سرحدي آهي. اسلام هي تمام فرق ختم ڪري ڇڏيا. ماکيءَ جي مَک مختلف گلن جو رس چوسي ونندي آهي تہ ان جو نالو ماکي ٿي ويندو آهي. مختلف ڪاٺين کي باهہ ساڙي ڇڏي تہ ان جو نالو خاڪ ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح جڏهن حضور اڪرم (صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جن جو دامن پڪڙي ورتو تہ سڀ مسلمان هڪ ٿي ويا، حبشي هجي يا رومي! مرآة المناجيح،جلد:6،صفحہ:552 ملتقطًا۔

دامنِ مصطفٰے سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا
جس کے حضور ہو گئے اس کا زمانہ ہو گیا

طَبَراني شريف ۾ آهي، رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مَنْ اٰذَى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى اللّٰهَ (يعني) جنهن (بنا ڪنهن شرعي وجهہ جي) ڪنهن مسلمان کي ايذاء ڏنو اُن مونکي ايذاء ڏنو ۽ جنهن مونکي ايذاء ڏنو ان الله پاڪ کي ايذاء ڏنو.معجمِ اوسط،جلد:2 ،صفحہ:387،حديث:3607۔

خدایا! کسی کا نہ دل میں دکھاؤں
اماں تیرے اَبدی عذابوں سے پاؤں

## بد ترين جُرم

حضرت فُضيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو ته ڪُتي ۽ سوئر کي به ناحق ايذاء (يعني تڪليف) ڏيڻ حلال ناهي ته مسلمانن کي ايذاء ڏيڻ ڪيتري قدر بدترين جُرم آهي.تفسير خزائن العرفان،پاره:22،سورة احزاب،زيرِ آيت:58،صفحه:789۔

## باه ۾ اڇلايو ويندو

تاجدارِ رِسالت، شهنشاهِ نُبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو ته ڇا توهان کي خبر آهي ته مفلس ڪير آهي؟ صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن شخص وٽ درهم ۽ ٻئي قسم جو مال نه هجي اهو مفلس آهي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”منهنجي اُمت ۾ سڀ کان وڏو مفلس اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزا ۽ زڪوٰة جهڙيون نيڪيون کڻي ميدان حشر ۾ ايندو پر ان جو حال هي هوندو ته ان دنيا ۾ ڪنهن کي گار ڏني هوندي، ڪنهن تي تهمت لڳائي هوندي، ڪنهن جو مال ناحق کاڌو هوندو، ڪنهن جو رت وهايو هوندو،ڪنهن کي ماريو هوندو، ته اهي سڀ حق وارا پنهنجا پنهنجا حق طلب ڪندا ته الله پاڪ ان جي نيڪين مان حق وارن کي انهن جي حق جي برابر نيڪيون ڏياريندو. جيڪڏهن ان جي نيڪين مان تمام حق ادا نه ٿي سگهيا بلڪ نيڪيون ختم ٿي ويون ۽ حق باقي رهجي ويا ته الله پاڪ حڪم ڪندو ته تمام حق وارن جا گناهه ان جي مٿي تي لڏيو، تنهنڪري اهو سڀ حق وارن جي گناهن کي مٿي تي کڻندو پوءِ جهنم ۾ وڌو ويندو.

(مسلم،ڪتاب البروالصلة والاداب،باب تحريم الظلم،ص ۱۰۶۹، حديث:۶۵۷۹)

## گهوري ڏسڻ به منع آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسلام اهڙو پيارو دين آهي جو ٻين کي مارڻ، گاريون ڏيڻ، ڪنهن جو مال لُٽڻ يا عزّت خراب ڪرڻ ته پَري جي ڳالهه، اسان ڪنهن کي ڪاوڙ ۾ گهوري ڪري ڏسون، اسان جو اسلام اسان کي هن ڳالهه جي به اجازت

نتو ڏئي. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو پنهنجي ڀاءُ ڏي ڏيڏڪارڻ واري نظرن سان گهوري الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڏيڏڪاريندو.

شُعَبُ الْايمان،باب فی طاعة اولی الامر،فصل فی ذکر...الخ،جلد:6،صفحہ:50،حدیث:7468۔

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت حضرت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: ڀاءُ مان مُراد مسلمان ڀاءُ آهي يعني جيڪو شخص ڪنهن مسلمان کي بنا قصور جي تيز نظرن سان گهوري ڪري ڏيڏڪاري، نه ته قصور وار کي گهورڻ ڏيڏڪارڻ ضروري آهي. (وڌيڪ لکن ٿا:) هن مان اشارةً معلوم ٿيو ته مسلمان ڀاءُ کي رحمت جي نظر سان ڏسڻ ثواب آهي جو الله پاڪ ان کي عنايت جي نظر سان ڏسندو. مرآة المناجيح،جلد:5،صفحہ:369 ، 370ملتقطًا۔

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيتري پياري ڳالهه آهي، اسان ڪنهن کي گهوري ڪري ڏسون ۽ ان کي بُرو لڳي، ۽ ان کي تڪليف پهچي، اسان کي ان جي به اجازت ناهي. ڪاش! اسان ٻين جا خيرخواهه، پنهنجي مسلمان ڀائرن سان محبت رکڻ وارا، نيڪ، همدرد ۽ رحمدل مسلمان ٻڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

## ماڻهن کي ستائڻ جي سزا

هڪ شخص حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مجلس ۾ اچي ماڻهن کي ايذاءُ پهچائيندو هو، جڏهن ان جي شرارتن جو سلسلو حد کان وڌڻ لڳو ته حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دعا فرمائي: اي الله پاڪ! تون هن شخص جي ايذاء پهچائڻ کي خوب ڄاڻي ٿو، تون جهڙيءَ طرح چاهين اسان کي هن جي معاملي ۾ ڪفايت فرماءِ. انهيءَ وقت اهو شخص ٻيني ٻيني ڪِري پيو ۽ مري ويو ۽ ان جو لاش کٽ تي رکي ڪري ان جي گهر پهچايو ويو. جامع العلوم و الحکم،الحدیث الثامن و الثلاثون،صفحہ:376۔

## ڇوڪري جي پيرَ تي پيرُ اچي ويو

حضرت مِسعَر بن ڪِدام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي: هڪ ڏينهن اسان امام

اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان گڏ ڪنهن پاسي کان لنگهي رهيا هئاسين تہ بي خياليءَ ۾ امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پير مبارڪ هڪ ڇوڪري جي پيرن مٿان پئجي ويو، ڇوڪري جي رڙ نڪري وئي ۽ ان جي وات مان هڪدم نڪتو: يَا شَيۡخُ اَلَا تَخَافُ الۡقِصَاصَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ! يعني سائين! ڇا توهان قيامت جي ڏينهن ورتي ويندڙ رب جي انتقام کان نٿا ڊڄو ؟ اهو ٻڌندي ئي امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تي ڏڪٽي طاري ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي ڪري زمين تي تشريف ڪٽي آيا، جڏهن ڪجهه دير کان پوءِ هوش ۾ آيا تہ مون عرض ڪيو تہ توهان هڪ ڇوڪري جي ڳالهہ کان ايتري قدر جو ڊڄي ويا؟ فرمايائون: ڪهڙي خبر ان جو آواز غيبي هدايت هجي. اَلۡمَنَاقِب لِلۡمُوَفَّق،الباب السابع و العشرون فی ذکر فضائل لہ شتی،جلد:2،صفحہ:148۔

عطا ہو خوفِ خدا خدا را دو الفتِ مصطفٰے خدا را

کروں عمل سنّتوں پہ ہر دم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

وسائلِ بخشش،صفحہ:573۔

## بُري خاتمي جا 4 سببَ

شرحُ الصدور ۾ آهي: ڪجهه عُلماءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم فرمائن ٿا: بُري خاتمي جا 4 سبب آهن: (1): نماز ۾ سُستي (2): شراب پيئڻ (3): والدين جي نافرماني (4): مُسلمانن کي تڪليف ڏيڻ. شرحُ الصُّدور ،الباب العاشر،باب علامۃ خاتمۃ الخیر،صفحہ:28۔

مجھے دیدے ایمان پر اِستقامت

پئے سیّدِ مُحتَشَم یاالٰہی

وسائلِ بخشش،صفحہ:110۔

## مچيءَ آڱوٺو ڪٽيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻين کي تڪليف ڏيڻ ايڏو سخت گناهہ آهي جنهن سان الله پاڪ جو غضب جوش ۾ اچي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان

خطرناڪ گناهه جي سزا دنيا ۾ ئي ڏني ويندي آهي. حضرت امام محمد بن احمد ذَهبي رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪن ٿا ته ڪنهن بزرگ هڪ شخص کي ڏٺو ته ان جي ٻانهن ڪنڌ وٽان ڪپيل هئي ۽ هو آواز لڳائي رهيو هو ته جنهن مون کي ڏٺو اهو هرگز ڪنهن تي ظلم نه ڪري. مون ان کان واقعو پڇيو ته ٻڌايائين: "منهنجو معاملو گهڻو عجيب ۽ غريب آهي، مان بدمعاشن جو ساٿي هئس، هڪ ڏينهن مون هڪ مڇي واري (Fisherman) کان مڇي کسي ۽ گهر ڏانهن وڃڻ لڳس، واٽ ۾ مڇي منهنجو آڱوٺو چٻائي ورتو، جيئن تيئن مان گهر پهتس ۽ مڇي کي هڪ پاسي رکي ڇڏيو. آڱوٺي جي درد ۽ تڪليف جي ڪري مان سڄي رات سمهي نه سگهيس. صبح ٿيو ته مان طبيب (Doctor) وٽ ويس ۽ ان کي پنهنجو سُڄيل زخمي هٿ ڏيکاريو. ان ٻڌايو ته آڱوٺو ڪٽڻو پوندو نه ته بعد ۾ سڄو هٿ ڪٽڻو پوندو، پوءِ مون پنهنجو آڱوٺو ڪٽائي ڇڏيو. پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي هٿ تي ڏنگ لڳو ته پُراڻو زخم تازو ٿي ويو، مون کي شديد تڪليف ٿي رهي هئي، مان طبيب وٽ ويس ته ان هٿ ڪٽڻ جو چيائين، مون ڪٽائي ڇڏيو پر سور سڄي ٻانهن ۾ ڦهلجي ويو. مان سخت تڪليف ۾ هئس ڪنهن گهڙي چين نه ايندو هو پوءِ پهريان نونڻ تائين پوءِ ڪلهي تائين هٿ ڪٽائڻو پيو، ڪجهه ماڻهن مون کان تڪليف شروع ٿيڻ جو سبب پڇيو ته مون انهن کي مڇي وارو واقعو ٻُڌايو، اهي چوڻ لڳا: جيڪڏهن توهان پهرين مرحلي ۾ مڇي واري وٽ وڃي ان کان معافي گهرو ها ۽ ان کي راضي ڪيو ها ته شايد توکي اهي عضوا ڪٽائڻا نه پون ها، هاڻي به وقت آهي ان شخص وٽ وڃو ۽ ان کي راضي ڪيو ان کان پهريان جو اها تڪليف سڄي جسم ۾ ڦهلجي وڃي. مون وڏي مشڪل سان مڇي واري کي ڳوليو ۽ معافي گهرڻ جي لاءِ ان جي پيرين پئجي ويس. ان پريشان ٿي پڇيو :توهان ڪير آهيو؟ مون ٻڌايو: مان اهو ئي شخص آهيان جنهن توکان مڇي کسي هئي، پوءِ مون ان کي سڄي تفصيل ٻڌائي ڪٽيل هٿ ڏيکاريو ته هو به روئي پيو ۽ چيائين: منهنجا ياءُ! مون توکي معاف ڪيو. مون ان کي شاهد ناهي اڳتي جي لاءِ ڪنهن تي

ظلم ڪرڻ کان توبہ ڪري ورتي. الكبائر،الكبيرة السادسة و العشرون ظلم،فصل فی الحذر...الخ،صفحہ:80ملتقطًا۔

## قُوّت ۽ طاقت جو نشو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ نهايت ئي خطرناڪ باطني بيماري آهي: قُوت جو نشو. اسان کي هن بيماري کي پنهنجي اندران لازمي ختم ڪرڻ گهرجي ڇو جو ظُلم عام طور اهو ئي ڪندو آهي جنهن کي قُوت ۽ طاقت جو نشو هجي.

تاریخِ اُمَم کا یہ پیامِ ازلی ہے | اے صاحبِ نظر اں! نشۂ قُوّت ہے خطرناک

هي بہ ياد رکو! طاقت ۽ قوت جي نشي ۾ طاقت هئڻ ضروري ناهي، ڪڏهن ڪڏهن طاقت ناهي هوندي، ماڻهو پنهنجي گمان ۾ پنهنجو پاڻ کي طاقتور تصور ڪري وٺندا آهن. مولانا رُوم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

نَفْسِ کَس رَا فِرْعَوْن نیست | لَیک اُوْرَا عَوْن کَس رَا عَوْن نیست

ترجمو: ڪير آهي جنهن جو نفسِ امّاره فرعون ناهي، ها! مصر جي فرعون کي تخت مليو هو، سيني کي تخت ناهي ملندو.

اها اصل ڳالهه آهي، جيڪو پنهنجي اندر مان طاقت ۽ قوت جو نشو ختم ڪري ڇڏي، مان، مان نہ ڪري، پنهنجي نفس کي قابو ۾ ڪري ڇڏي يا ائين ڪٽي ڇڏجي تہ پنهنجي اندر جي فرعون کي ماري ڇڏي، حقيقت ۾ اهو ماڻهو ظلم کان بچي سگهي ٿو. سماج ۾ غور ڪيو! جيڪو عاجزي وارو هوندو آهي، اهو ڪڏهن بہ ٻين کي تڪليف ناهي ڏيندو، جيڪڏهن هو ڪنهن کي ڪجهه چئي بہ ويهي تہ جلدي ۾ معافي گهري وٺندو آهي ۽ جيڪو عاجزي وارو ناهي هوندو، جيڪو پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سمجهندو آهي، اهو ٿوري ٿوري ڳالهه تي وڙهڻ جي لاءِ تيار هوندو آهي.

ان ڪري اسان کي پنهنجي اندر جي فرعون (يعني نفس اماره) کي قابو ڪرڻو پوندو، اسان کي عاجزي اختيار ڪرڻي پوندي. حضرت سليمان عليه السّلام الله پاڪ جا نبي آهن، سندس مشهور درٻاري پکي آهي: هُد هُد. هڪ دفعي هُدهُد حضرت سليمان عليه السّلام جي اجازت کان سواءِ ڪنهن هنڌ هليو ويو، هُدهُد جي ان حرڪت تي حضرت سليمان عليه السّلام سخت ڪاوڙيا ۽ فرمايائون: جيڪڏهن هُدهُد واپس ايندو ته مان ان کي سزا ڏيندس. جڏهن هُدهُد واپس آيو ۽ ڏٺائين ته حضرت سُليمان عليه السّلام جلال ۾ آهن ته عاجزي ڪيائين، پنهنجي پَرن کي زمين تي گهليندي حاضر ٿيو ۽ موقعو ڏسي ڪري، ادب جي دائري ۾ رهندي قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الاهي ۾ پيشي جو ذڪر ڪيائين، بَس قيامت جو ذڪر ٻڌڻو هو، حضرت سليمان عليه السّلام تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي ۽ پاڻ هُدهُد کي معاف ڪري ڇڏيائون.تفسير خازِن، پاره:19، سورۂ نمل، زيرِ آيت:21، جلد:3، صفحه:342خلاصةً۔

الله پاڪ اسان کي بہ خوفِ خُدا نصيب ڪري، ڪاش! اسان عاجزي جا پيڪر بڻجي وڃون، ڪاش! سچا پڪا حسيني بڻجون ۽ هميشہ شريف بڻجي ڪري رهون، مظلوم تہ ڀلي بڻجي وڃون پر ڪڏهن بہ ظالم نہ بڻجون.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهڻ بہ عشق رسول وڌائڻ جو هڪ طريقو آهي، لهٰذا عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. اِن شَآءَ الله الڪريم! دِل روشن ٿيندي، عشقِ رسول نصيب ٿيندو، محبتِ اِلٰهي نصيب ٿيندي ۽ دين ۽ دُنيا جون بي شُمار ڀلائيون هٿ اينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني مذاڪرو بہ آهي.

شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر چنچر جي رات عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي براهِ راست (لائيو) سُوال جواب جو سلسلو ڪندا آهن، اوهان بہ مدني چينل تي پابندي سان مدني مذاڪرو ڏسڻ، ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيو.

## ماڊرن نوجوان جي توبہ

منڊي بهاؤ الدين (صوبہ پنجاب، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان پهريان مان گناهن جي هلاڪت ڪنڌڙ وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. هر وقت دل و دماغ تي فيشن جو ڀوت سوار رهندو هو ۽ نيڪين کان پري دُنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي زندگي برباد ڪري رهيو هئس. هڪ ڀيري هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي تحت ٿيندڙ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي ڀرپور ترغيب ڏياري، پوءِ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مون کي اعتڪاف جي سعادت ملي، اجتماعي اعتڪاف جو پُرڪيف ماحول، پُرسوز بيان، سحرو افطار جا روحاني منظر تمام سنا لڳا، وڏيڪ ڪرم اهو جو اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علمي ۽ روحاني ”مدني مذاڪرن“ ۽ رقت انگيز دعائن دل مان گناهن جو مير صاف ڪري ڇڏيو. منهنجي گناهن سان ڀريل انڌيري زندگي ۾ عشقِ مصطفيٰ جي روشني ڦهلجي وئي. مون پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان بيعت جو شرف حاصل ڪيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه ! ڏاڙهي شريف سان چهرو سجائي ورتو، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو ۽ سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اختيار ڪري ورتو.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی

صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز (prayer Times) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت ئي پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام ”اوقاتِ نماز“ (prayer Times) جاري ڪئي آهي. ❁ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جا اوقات ۽ قبلي جو رُخ معلوم ڪري سگهجي ٿو. ❁ ان کان علاوه پنج ئي نمازن جي وقت جو ماهوارانہ ٽائم ٽيبل، اذڪار (روحاني علاج)، مدني چينل ريڊيو، نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (Silent) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ تَمَسَّكَ بِسُنَّتِیْ عِنْدَ فَسَادِ اُمَّتِیْ فَلَهٗ اَجْرُ مِائَةِ شَهِيْدٍ يعني امت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي 100 شهيدن جو ثواب ملندو[1]

ہر کام شریعت کے مطابق میں کروں کاش!　　　یارب! تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ننهن ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس

---

1 الزہد الکبير، صفحہ:118، حديث:207۔

2 وسائل بخشش، صفحہ:115۔

عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي ”101مدني گل“ مان ڇِڪ (يعني ڇڪ) ڏيڻ جون چند سنتون ۽ آداب پڙون ٿا :

پهريان ٻہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪيو: ❁ الله عَزَّوَجَلَّ کي ڇِڪ پسند آهي ۽ اوٻاسي پسند ناهي. ( بخاری،۴/۱۶۳،حدیث:۶۲۲۶) ❁ جڏهن ڪنهن کي ڇڪ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي تہ ملائڪ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: الله عَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. (معجم کبیر،۱۱/۳۵۸،حدیث:۱۲۲۸۴) ❁ ڇڪ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، ڇِڪ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. ( رَدُّالْمُحتار،۹/۶۸۴ ) ❁ ڇِڪ اچڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ڇڪ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ❁ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو ڇڪ ڏيڻ وارو ٻڌي. ( بہارِشریعت،حصّہ۱۶،۱۱۹) ❁ جواب ٻڌي ڇڪ ڏيڻ وارو چوي: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ”يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (فتاویٰ ہندیۃ،۵/۳۲۶) ❁ جيڪو ڇِڪ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشآءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو. ( مرآۃ المناجیح،۶/۳۹۶ )

❁ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جيڪو ڇِڪ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي تہ اُهو ڏاڙ ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا

نہ ٽيندو.[1] ❁ نچ ڏيڻ واري کي گهرجي تہ ڏاڍيان حمد ڪري تہ جيئن ڪو ٻڌي ۽ جواب ڏي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ❁ نچ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ٽيرو نچ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰہِ چوي تہ ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 326) ❁ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن نچ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُلِلّٰہِ چوي ۽ جيڪڏهن حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي. (بهار شريعت، جلد 3 ص 477) ❁ خطبي جي وقت ڪنهن کي نچ اچي تہ ٻڌڻ وارو اُن جو جواب نہ ڏي. (فتاوي قاضي خان ج 2 ص 377)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰہُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتون ۽ آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو(2)

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰہُ عَلٰى مُحَمَّد

1 ...550سنتیں اور آداب، صفحہ:36، 37۔

2...وسائلِ بخشش،صفحہ:669ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعو جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ

الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعو ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَمَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمدصاوِي رحمۃ اللہ علیہ ڪجهه بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہَ ڪرام رضی اللہ عنہ کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.(3)

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(4)

1 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،
2 ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149
3 ...القول البديع،الباب الاول،ص125
4 ... الترغیب والترہیب،کتاب الذکر و الدعاء،۲/۳۲۹،حدیث:۳۰

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رضی اللہ عنہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.(1)

## (2) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.(2)

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2 ... تاريخ ابنِ عساڪر،155/19،حديث:4415